روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com

جلد :12	جمع27 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق11 ربيع الثاني 1445ھ	شمارو: 16	قيمت10 روپيا

سنڌ ۽ پنجاب جي نگران وڏن وزيرن گڏجي ڌاڙيلن خلاف گڏيل آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ڇڏي

ڌاڙيلن جي شامت، سنڌ ۽ پنجاب حڪومتن جو گڏيل گرينڊ آپريشن جو فيصلو

مڪيه ڪچو علائقو راجن پور ضلعي ۾ اچي ٿو پر گهوٽڪي ۽ ڪشمور جي ڪچي وارا علائقا رحيم يار خان جي پرسان آهن، راجن پور ۾ ست بيٽ آهن جيڪي رحيم يار خان کي به متاثر ڪن ٿا: بريفنگ

اجلاس ۾ ٻنهي وڏن وزيرن پنگ عيوض اغوا جي وارداتن ۾ ملوث گروهن، سنڌن مجموعي طاقت، پوزيشن ۽ سنڌو درياهه جي گهاٽي ٻيلن ۾ ڳجهن هنڌن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ٻنهي وڏن وزيرن پنهنجي پنهنجي ٽيمن جي مشاورت سان سامان، گيجٽس، موبائيل جيمرز، ڪال انٽرسيپٽرز جي چيڪ لسٽ تيار ڪئي ۽ پوليس ۽ رينجرز کي مقرر ڪرڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي حملي جو فيصلو ڪيو

سکر ۽ گهوٽڪي جو دورو ڪندي آپريشن کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ پوليس کي ضروري خريداري سميت آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ پنجاب پوليس سان گڏيل لاڳاپا قائم ڪرڻ جي مڪمل منظوري ڏني آهي: مقبول باقر

ڌاڙيلن جي سهولتڪارن ۽ اطلاع ڏيندڙن کي اڳ ئي گرفتار ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪنهن به قسم جي معلومات ٻاهر نڪرڻ کانسواءِ آپريشن شروع ڪري سگهجي: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۽ پنجاب جي نگران وڏن وزيرن پنهنجي لاڳاپيل چيف سيڪريٽريز ۽ انسپيڪٽر جنرلز آف پوليس سان گڏ ٻنهي صوبن جي دريائي علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف گڏيل آپريشن شروع ڪرڻ جي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ وزيراعليٰ هائوس ۾ اعليٰ سطح اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي سان سندس سڌ سماءَ واري وزير عامر مير، چيف سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

پاڪستان حڪومت ملڪ ۾ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پنهنجي ملڪ واپس موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي: نگران گهرو وزير

اڄوڪي پريس ڪانفرنس جو مقصد سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي خبردار ڪرڻ آهي ته 31 آڪٽوبر تائين هو پنهنجي ملڪ ڏانهن واپسي کي يقيني بڻائين: برگيڊيئر (ر) حارث نواز

غيرقانوني پرڏيهين کي پنهنجي وطن واپس موڪلڻ جا انتظام بهتر انداز ۾ ڪيا ويا آهن ۽ ان عمل ۾ عورتن، ٻارن، بزرگن ۽ ٻين کي مناسب طريقي سان واپس سندن ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو

31 آڪٽوبر جي بعد ڪنهن به غير قانوني پرڏيهين کي ملڪ ۾ رهڻ نه ڏنو ويندو ۽ واپسي کي يقيني بڻايو ويندو. نگران صوبائي گهرو وزير چيو ته توهان وفاقي حڪومت جي پريس ڪانفرنس ضرور ڏٺي هوندي

غيرقانوني پرڏيهين کي پناهه ڏيڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان مڪمل سهڪار حاصل ڪيو پيو وڃي

سمورن غيرقانوني غير پرڏيهين جي خلاف بنا ڪنهن فرق ۽ مؤثر طريقي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن کي واپس سندن اصلي ملڪ واپس موڪليو ويندو

مان چتاءُ ڏيان ٿو ته اغوا، ڀنگ، ڦر ۽ ڌوهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن جي سهولتڪارن کي بخشيو نه ويندو. هن چيو ته اسٽريٽ ڪرائم جي وارداتن ۾ غير قانوني پرڏيهي به ملوث رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) نگران گهرو ۽ جيلن واري صوبائي وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز اڄ ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪستان حڪومت ملڪ ۾ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پنهنجي ملڪ واپس موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان جي مطابق ملڪ جون سمورين صوبائي حڪومتون ايڪشن وٺي رهيون آهن. جڏهن ته غيرقانوني پرڏيهين جيڪي رضاڪارانه طور تي پنهنجي ملڪ واپس وڃي رهيا آهن انهن کي واپسي جون سهولتون ڏنيون پيون وڃن. هن واضح ڪيو ته اڄوڪي پريس ڪانفرنس جو مقصد سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي خبردار ڪرڻ آهي ته 31 آڪٽوبر تائين هو پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ماڙي پور ۽ ٽرڪ اڏي تي ڪارروائي، ڏنڊ مقرر

ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي

صفائي سٿرائي جي خراب صورتحال تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جا ڏنڊ پڻ مقرر ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ماڙي پور ۽ ٽرڪ اڏي تي ڪارروائي ڪئي، اها ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نوجوان رياستي ادارن خلاف پروپيگنڊا جو مقابلو ڪن: آرمي چيف

هر هڪ پاڪستاني جي حفاظت ۽ سلامتي انتهائي اهميت رکي ٿي جنهن تي ڪنهن به قيمت تي سوديبازي ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏني سگهجي: جنرل عاصم منير

اسان هڪ مضبوط قوم آهيون جنهن امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ ڪٺن آزمائشن کي برداشت ڪيو

25 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن جي ايڇ ڪيو جو دورو ڪيو ۽ آرمي چيف سان ملاقات ڪئي

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير شرڪت ڪندڙن کي غير قانوني سرگرمين کي روڪڻ لاءِ ڪنيل قدمن کان به آگاهه ڪيو ويو

اسمگلنگ، بجلي جي چوري، منشيات جي پڪيڙ، بارڊر ڪنٽرول جا قدم ۽ پاڪستان مان غير قانوني طور ترسيل پرڏيهين جي وطن واپسي شامل آهن

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي ته دانشورن ۽ سول سوسائٽي جي وڏيڪ ذميواري آهي ته هو ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته اسان جو عوام خاص طور تي نوجوان نسل رياستي ادارن جي خلاف جاري پروپيگنڊا بابت پنهنجي جاڻ ۾ اضافو ڪن ۽ ان جو مقابلو ڪن. آءِ ايس پي آر موجب 25 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

حڪومتي ۽ عسڪري گڏيل ڪاوشن جي ڪري ملڪي معيشت تي هاڪاري اثر نمايان

سيپٽمبر 2023 ع ۾ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ جي ذريعي ماهرين ناڻي روانگي 6.75 بلين ڊالر کان وڌي ڪئي

هاڪاري اقتصادي پاليسين جا ناڻي مٽا سٽا ۽ روزگار تي اثر نمايان ٿيڻ لڳا، ملڪي معيشت تي هاڪاري اثر پيا آهن

ناڻي مٽا سٽا جي ذخيرن ۾ هفتيوار بنيادن تي 67 ملين ڊالر جو اضافو ٿيو ۽ ناڻي مٽا سٽا جا ذخيرا 7.7 بلين ڊالر تي پهچي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ملڪي ناڻي مٽا سٽا جا ذخيرا 67 ملين ڊالر وڌي 7.7 ملين ڊالر تائين پهچي ويا. جڏهن سيپٽمبر 2023 ع ۾ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حيدرآباد: سافڪو اسلامي
شرعي اصولن مطابق مالياتي
خدمتن جي شروعات ڪري ڇڏي

حيدرآباد (رپورٽر) سافڪو اسلامي شرعي اصولن مطابق مالياتي خدمتن جي شروعات ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: نگران گهرو وفاقي وزير سرفراز احمد بگٽي پريس ڪانفرنس ڪندي

پي آءِ اي مالي بحران معاملي ۾ اهم اڳڀرائي: بينڪن مان 7.5 ارب ملڻ جي اميد

3 بينڪن مان حڪومتي قرض تي اينڊڙ ٻن کان ٽن ڏينهن ۾ حتمي فيصلي جو امڪان

قرض ملڻ جي صورت ۾ ملازمن کي وقت تي پگهارون جي ادائيگي ممڪن ٿي سگهندي

ڪراچي (م د) پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) جي مالي بحران جي معاملي تي ناڻي واري وزارت، ڪمرشل بينڪس ۽ پي آءِ اي اختيارين ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي. ذريعن موجب حڪومتي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عدالت پاران ڊفينس ۾ ڊانس پارٽي دوران گرفتار جوابدار آزاد ڪرڻ جو حڪم

خميس تي ڪراچي جوڊيشنل مئسٽريٽ ڏکڻ ۾ ڊفينس ۾ ڊانس پارٽي ۽ منشيات جو استعمال درخواست جي ٻڌڻي ٿي

جاچ آفيسر موقف ڏنو ته پارٽي جو اهتمام ڊفينس فيز 4 جي بنگلي ۾ هو پوليس ڇاپو هڻي نشي ۾ ڌت 10 جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو

گرفتار جوابدارن جي درخواست ضمانت منظور ڪندي عدالت جوابدارن کي 10،10 روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڏکڻ ڊفينس ڊانس پارٽي ۽ منشيات جي ڪيس ۾ گرفتار جوابدارن کي 10،10 هزار جي عيوض آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو خميس تي ڪراچي جوڊيشنل مئسٽريٽ ڏکڻ ۾ ڊفينس ۽ ڊانس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سکر پوليس شهيد صحافي جان محمد مهر جي مک قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي، احتجاج ۽ بک هڙتال جو سلسلو جاري

صحافين علامتي احتجاجي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي

شهيد جي وڇوڙي کي 74 ڏينهن ٿي ويا آهن ايترا ڏينهن گذري ويا خاطريون ڪرايون وڃن: اڳواڻ

صحافي شهيد جان محمد مهر جي مک قاتلن کي گرفتار ڪري صحافين ۽ وارثن ۾ پيدا ٿيل بي چيني ختم ڪئي وڃي

سکر (رپورٽر) سکر پوليس شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي مک قاتلن کي 74 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪري سگهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڪراچي: عدالت ارشاد رانجهاڻي قتل
ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو: جوابدار
رحيم شاهه کي 6 سال قيد جي سزا

ڪراچي (م د) دهشتگردي ٽوڙ عدالت ارشاد رانجهاڻي قتل ڪيس جو محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سکر: شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نوازشريف جي سزا خلاف اپيلون بحال ڪري ڇڏيون

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل بينچ سمورين درخواستن کي گڏ ڪري ٻڌڻي ڪئي

نوازشريف طرفان ايڊووڪيٽ امجد پرويز ۽ اعظم نذير تارڙ پيش ٿيا، نوازشريف به عدالت ۾ موجود هو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نوازشريف جي سزا خلاف اپيلون بحال ڪري ڇڏيون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ نوازشريف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي ۾ ڦورن هٿان هڪ ٻيو جوان قتل

ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هڪ ٻيو نوجوان قتل ڪيو ويو

مقتول کي هڪ گولي سيني ۾ لڳي، جيڪا موت جو سبب بڻي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هڪ ٻيو نوجوان قتل ڪيو ويو. مقتول کي هڪ گولي سيني ۾ لڳي، جيڪا موت جو سبب بڻي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

واهپيدارن کان پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 368 سيڪڙو ڪارڊ اوڳاڙي

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي ۾ 368 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي

جڏهن ته هلندڙ مالي سال لاءِ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي جو هدف 869 ارب روپيا مقرر آهي

اسلام آباد (بيورو) هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي ۾ 368 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، ذريعن موجب وفاقي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سکر جي عدالت: شهيد جان محمد مهر جي ڪيس جو مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار

عدالت مک جوابدار سميت روپوش جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

جاچ آفيسر روپوش مک جوابدار جي گرفتاريءَ لاءِ عدالت کان مهلت گهري ورتي

سکر (رپورٽر) سکر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پاران سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جو مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي ڪاوڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ زبردست واڌ

في تولو سون 2900 رپيا مهانگو ٿيڻ بعد به لک 11 هزار 350 رپين جو ٿي ويو

ڏهه گرام سون 2486 رپيا واڌ ڪانپوءِ هڪ لک 81 هزار 198 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستان ۾ سون جي قيمت مسلسل واڌ جو سلسلو جاري آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في تولو سون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

هلندڙ سال ۾ فضائي گدلاڻ ٿيڻ جي اميد

سينٽر فار ريسرچ آن انرجي اينڊ ڪلين رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

لاهور ۽ پشاور ۾ سياري جي موسم ۾ به سموگ به گهڻ شدت ۾ ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) سينٽر فار ريسرچ آن انرجي اينڊ ڪلين ايئر هلندڙ سال جي جاڏ رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، جنهن موجب هلندڙ سال پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي اسمگلنگ ۾ ٽن ڄڻن تي ٻڌل گروپ گرفتار

سي ٽي ڊي وفاق کي حساس اداري سان گڏجي حب ريور روڊ تي ڪارروائي ڪئي

گرفتار ٿيلن ۾ مير عبدالصادق مينگل، حڪمت الله ۽ عبدالحميد شامل آهي

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي ٽوڙ کاتي (سي ٽي ڊي) ٻينل صوبائي نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي اسمگلنگ ۾ ملوث ٽن ڄڻن تي ٻڌل ٽولي کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

هڪ ڪروڙ ماليت جي چوري ۾ ملوث جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

گلستان سوسائٽي جي گهر ۾ 1 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي چوري ۾ ملوث جوابدار کي پوليس قتل ڪري ڇڏيو

پوليس رات دير سان شهر جي مختلف هنڌن تي مقابلن ۾ 3 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سير هاءِ وي گلستان سوسائٽي جي گهر ۾ 1 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي چوري ۾ ملوث جوابدار کي پوليس قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملڪي سياست ۾ اهم اڳڀرائي، پي ٽي آءِ وفد جي مولانا فضل الرحمان سان ملاقات

تحريڪ انصاف جي اڳواڻن وفد جي صورت ۾ مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر، علي محمد خان، بئرسٽر سيف ۽ جنيد اڪبر شامل هئا

پي ٽي آءِ اڳواڻن مولانا فضل الرحمان سان سندس اسلام آباد واري رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي

اسلام آباد: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م د) ملڪي سياسي صورتحال ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳواڻن جمعيت علماء اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

وڏي وزير پاران گارمينٽ جي
مزدورن لاءِ ايم او يو تي صحيحون
ڪرڻ لاءِ ليبر کاتي کي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سان انٽرنيشنل ايڪارڊ جي وفد ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سائفر ڪيس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عمران خان جو ٽرائل روڪڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

عدالت سائفر ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ خلاف درخواست هدايتن سان گڏ اڪلائيندي چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين جو شفاف ٽرائل جو حق ڏنو وڃي

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ان ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت تي آزادي جي درخواست تي فيصلو سڀاڻي ٻڌايو ويندو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي سائفر ڪيس جو ٽرائل روڪڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي، عدالت سائفر ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ خلاف درخواست هدايتن سان گڏ اڪلائيندي چيو ته پي ٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

غيرقانوني پرڏيهين جي نشاندهي ڪري ورتي، 31 آڪٽوبر کانپوءِ ڪا به رعايت نه ڏيندي: سرفراز بگٽي

غيرقانوني طور ترسيل ماڻهن جي نيڪاليءَ لاءِ عارضي ڪيمپ قائم ڪيا ويا آهن، صوبائي حڪومتون پرڏيهي ماڻهن جي نيڪالي جا خرچ برداشت ڪري رهيون آهن

هولڊنگ سينٽرز ناهيا آهن، غيرقانوني رهندڙن کي اتان واپس موڪليو ويندو، ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي تمام گهڻي احترام سان رکيو ويندو

اسلام آباد (رپورٽر) نگران وفاقي گهرو وزير سينيٽر سرفراز بگٽي چيو آهي ته غيرقانوني پناهگيرن بابت پلان کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي آهي، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بگٽي چيو ته رضاڪاراڻي طور واپس ويندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انور الحق ڪاڪڙ سان اڪرم سيگل ملاقات ڪندي

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ماڙي پور ۽ ٽرڪ
اڏي تي ڪارروائي، ڪائڻ پيئڻ جي
ڪيترن ئي مرڪزن تي ڏنڊ مقرر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ماڙي پور ۽ ٽرڪ اڏي تي ڪارروائي ڪئي، اها ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي، سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان جي سربراهي ۾ ڪيترن کائڻ پيئڻ جي مرڪزن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ٽيم سان گڏ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

گڏيل قومن جي ميمبر ملڪن جي گڏيل ذميواري آهي ته اهو ڀارت سان پنهنجي عالمي ذميدارين جي تعميل کي يقيني بڻائي: گورنر سنڌ

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ڪشمير تڪرار جو حل آهي: ڪامران ٽيسوري

پرامن طريقي سان حل ٿيڻ گهرجي ڇو ته اهو واحد رستو آهي جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهي ٿو

پاڪستان ڪشميري عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺي رهندو، ان حق ۾ پاڪستاني عوام ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي هر ممڪن مدد جاري رکندو

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري آيل وفد سان ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري 27 آڪٽوبر ڪشمير تي ڀارتي قبضي خلاف يوم سياهه جي موقعي تي پنهنجي پيغام/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اڳواڻن جي سچائي رنگ لائيندي،
شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار
ٿيڻ کان بچي نه سگهندا: اڳواڻ

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي شهيد جان محمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

غيرقانوني افغان پناهگيرن جي واپسي جو فيصلو ملڪي سيڪيورٽي خاطر ڪيو ويو: پرڏيهي وزارت

اها پاليسي صرف افغان شهرين جي لاءِ نه آهي پر سمورن ملڪن جي لاءِ آهي، پهرين نومبر کان غيرقانوني پناهگيرن کي ڊي پورٽ ڪيو ويندو

دوست ملڪن کان افغان شهرين کي پنهنجي ملڪ وڃڻ جي درخواست ڪئي آهي، گهرو وزارت جي ڪليئرنس ملڻ کان پوءِ انهن کي اماڻيو ويندو

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو آهي ته غيرقانوني افغان پناهگيرن جي واپسي جو فيصلو سيڪيورٽي جي خاطر ڪيو ويو پرڏيهي وزارت جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ پريس ڪانفرنس دوران چيو ته غيرقانوني افغان پناهگيرن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

افغان شهرين جي ملڪ واپسي جو سلسلو جاري، وڌيڪ 4239 پناهگير پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس روانا

25 آڪٽوبر تي وڌيڪ 4 هزار 239 افغان شهري پنهنجي ملڪ واپس هليا ويا

واپس ويندڙ افغان شهرين ۾ 965 مرد، 852 عورتون ۽ 2422 ٻار شامل هئا

افغانستان روانگي لاءِ 112 گاڏين ۾ 230 خاندانن جي ملڪ واپسي ٿي

اسلام آباد: حڪومتي الٽيميٽم بعد افغان شهري ڏيهه واپس وڃي رهيا آهن

اسلام آباد (م د) پاڪستان جي حڪومت طرفان ڏنل الٽيميٽم کان پوءِ افغان شهرين جو پنهنجي ملڪ واپسي جو سلسلو جاري آهي. رپورٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

رپئي جي ڀيٽ
۾ ڊالر وڌيڪ
مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستان رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بهادر آهيو ته منهنجي خلاف چونڊون وڙهي ڏيکاريو: ياسمين راشد جو نوازشريف کي چيلينج

نوازشريف سزا يافته ۽ اشتهاري آهي انهن کي چونڊن جي لاءِ ٻاهر کان آندو ويو آهي

ليول پليئنگ فيلڊ جو مطلب اهو آهي ته جنهن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻو آهي اهو ٻاهر هجي

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳواڻ ڊاڪٽر ياسمين راشد (ن) ليگ جي اڳواڻ نوازشريف کي چونڊون وڙهڻ جو چيلينج ڏئي ڇڏيو آهي. لاهور جي دهشتگردي جي انٽ واري عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ رينجرز، ڪسٽم ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي، اسمگلنگ ۾ ملوث 6 جوابدار گرفتار

چيڪنگ دوران ڪراچي بلوچستان بارڊر تي حب چيف پوسٽ تي 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري 10 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪري ورتو

چيڪنگ ۾ 1060 ليٽر ايراني انجڻ آئل، جججهي مقدار ۾ سنگريٽ، انڊين گهٽڪو، انڊين نسوار، سوپاري ۽ سڪل ڪير به هٿ ڪري ورتو

1060 ليٽر ايراني انجڻ آئل، جججهي مقدار ۾ سنگريٽ، انڊين گهٽڪو، انڊين نسوار، سوپاري ۽ سڪل ڪير به هٿ ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان رينجرز سنڌ پاران اسمگلنگ کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ آپريشن جو سلسلو هلندڙ. رينجرز، ڪسٽم انٽيليجنس ۽ پوليس مختلف ڪاروائين ۾ چيڪنگ دوران ڪراچي بلوچستان بارڊر تي حب چيف پوسٽ تي 6 جوابدارن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

گيس جي اگهن ۾ اضافي سان عوام مٿان 350 ارب رپين جو بار پوندو : محمد حسين محنتي

عوام تي بجلي گيس جا بم ڪيرائڻ بدران حڪومت جرڪر فقط برقت صاف شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪري آهي

مهانگائي جي ماريل عوام ۾ اڳ ئي حڪمرانن جي ناقص معاشي پاليسين ۽ ڪرپشن جي ڪري خريداري جي سگهه ختم ٿي چڪي آهي

ڪوبه ملڪ اسٽيبلٽي ترقي نٿو ڪري سگهي جيستائين عوام خوشحال نه هجي، عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻيون پونديون

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي گهريلو واهپيدارن لاءِ گيس 200فيصد مهانگائي ڪرڻ کي عوام دشمن فيصلو سڏيندي ظلم قرار ڏيندي چيو آهي ته عوام تي بجلي گيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ پاڪستان ورڪرز
فيڊريشن سنڌ ريجن جو اجلاس
ڪوٺايو ويو، اڳواڻن جي شرڪت

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن جو اجلاس بئراج تي ٿيو جنهن جي صدارت صدر پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن عبدالنبي جاگيراڻي جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ خادم حسين ڪوسو جنرل سيڪريٽري پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن خصوصي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي :اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين ۾ تعليم کاتي جي ملازمن جا هڪبئي مٿان الزام، هڪ ٻئي خلاف احتجاج

هڪ ڪلارڪ سندس پينشن لاءِ ڪانئس 3 لک ورتا جنهن کي ڪافي سال گذري ويا آهن : جمن ملاح

سروس بڪ نٿو ملي ۽ پيسا واپس نٿا ملن جمن ملاح ھڊايو ڊي او ايجوڪيشن آفيس ۾ ٺيڪيداري نظام آهي

بدين(رپورٽ) بدين تعليم کاتي ڊي او آفيس ۾ روز ڪلارڪن ماسترن جو جهيڙو احتجاج هڪبئي مٿان الزام تراشيون ڪافي وقت کان جاري آهن جمن ملاح صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هڪ ڪلارڪ سندس پينشن لاءِ ڪانئس 3 لک ورتا جنهن کي ڪافي سال گذري ويا آهن سندس سروس بڪ نٿو ملي ۽ پيسا واپس نٿا ملن جمن ملاح ٻڌايو ڊي او ايجوڪيشن آفيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊي آدم ۾ قتل ٿيل افضل لُنڊ جا مُک قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا، احتجاج جاري

آڪاش لُنڊ، رمضان لنڊ، مشتاق چانڊيو ۽ نويد لُنڊ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج کان احتجاجي ريلي ڪڍي

ڏيڍ مهينو گذري وڃڻ باوجود به افضل لنڊ جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن : مظاهرين جون دانهون

سانگهڙ پوليس ٽن ڏينهن جي اندر اصلي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ته ڌرڻي جو اعلان ڪنداسين

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) پنجيتاليهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ٽنڊي آدم ۾ قتل ٿيل افضل لُنڊ جا مُک قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا، نوجوانن آڪاش لُنڊ، رمضان لنڊ، مشتاق چانڊيو ۽ نويد لُنڊ پاران گورنمنٽ ڊگري ڪاليج کان علمدار چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي سانگهڙ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي، تفصيل مرجب پنجيتاليهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اوٻاوڙو پرسان پوليس ۽
رينجرز جي گڏيل ڪارروائي،
2 جوابدار گرفتار ڪري ورتا

اوٻاوڙو(رپورٽ غلام علي رند)اوٻاوڙو پرسان پوليس ۽ رينجرز جي گڏيل ڪارروائي، ڏوهه جي ايراڊي سان بيٺل جوابدار حنيف رند ۽ شهبان شر زخمي حالت ۾ پوليس گرفتار ڪري ورتو زخمي ٿيل جوابدارن ۽ پوليس اعلاج لاءِ سول اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪري ڇڏيو

خيرپور ناٿن شاهه :افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور ۾ امن امان، رياست جي بيحسي، اغوائون ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس

شهر ۾ بدامني عروج تي پهچي چڪي آهي جڏهن ته هاڻي ماڻهن سان گڏ پوليس ايس ايڇ او سميت اهلڪار ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿي رهيا آهن : اڳواڻ

اسان پڇڻ چاهيون ٿا ته رينجرز ڪٿي آپريشن ڪري رهي آهي، ڌاڙيلن جون گرفتاريون يا انهن خلاف ڪي ڪارروايون ظاهر ناهن ڪيون ويون

گڏريل ڏهاڙي شڪارپور پوليس ڪوڙي پريس رليز جاري ڪندي اسان جي موئمنن مٿان جاجو ڪوڙو ڪيس ظاهر ڪيو آهي

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ مجلس وحدت مسلمين پاران شڪارپور پريس ڪلب ۾ امن امان، رياست جي بيحسي، اغوائون ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي اڳواڻن ڪارڪنن وڏي شرڪت ڪئي مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود ڊومڪي، ضلعي صدر اصغر علي سيٺار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد پاران دورو

پڊعيدن ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار محمد عظيم جانوري جي وارثن سان تعزيت ڪئي

ڊي آءِ جي نوشهروفيروز پوليس اهلڪارن ۽ انهن جي خاندانن جا هيٺيان مسئلا ٻڌا، حل ڪرائڻ جي خاطري

مسئلا ٻڌڻ ڪانپوءِ لاڳاپيل آفيسرن ۽ شاخن جي سربراهن کي فوري طور تي مسئلا حل ڪرڻ جا حڪم جاري

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد رينج ڪيپٽن (ر) پرويز احمد چانڊيو جو نوشهروفيروز جو دورو، پڊعيدن ۾ شهيد پوليس اهلڪار محمد عظيم جانوري جي گهرڀاتين سان تعزيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي
پاران پوليس عملدارن جي بدلين
۽ مقررين جو سلسلو جاري

ٺٽو(ب) ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي پاران پوليس عملدارن جي بدلين ۽ مقررين جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي ۾ لياقت ڪنڀار کي ايس ايڇ او گهارو مقرر ڪرڻ سميت ڪينجهر پوليس اسٽيشن جي وڏي منشي محمد صديق گندرو کي پوليس اسٽيشن ڪينجهر کان بدلي ڪري ڪيس پوليس اسٽيشن جهمپير تي وڏو منشي طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : ڊي آءِ جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

جي يو آءِ جي "سنڌ امن ريلي" نوشهروفيروز پهتي، شاندار استقبال

سنڌ ۾ 800 ماڻهو ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن، معصوم نياڻين جا جنازا ڏنا پيا وڃن : راشد محمود سومرو

اسڪولن ۾ تعليم ناهي، عوام کي صحت جون سهولتون ناهن، سنڌ جا مارڪيٽ غير محفوظ آهن

پوليس عملدار سياسي مخالفن جي چرچ تي جلسي کي خراب ڪيو آهي جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي

نوشهرو فيروز/ دادو(رپورٽ منظور ملڪ/ ن سنڌيار) جي يو آءِ جي "سنڌ امن ريلي" نوشهرو فيروز پهتي، الله واري چوڪ تي جلسو ڪيو ويو، ريلي جي اڳواڻي راشد محمود سومرو، مولانا عبدالقيوم هاليجوي، عبدالرحمان ڏنگراچ، اڪرم پيرزادو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي راشد محمود سومري چيو ته نوشهرو فيروز جي عوام امن مارچ جو والهانه استقبال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽي پرسان ٻيلي جي سرڪاري 2953 ايڪڙ زمين بااثرن جي قبضن کان آجي

باديپور ٻيلي جي زمين کي مخصوص ڪري امڪاني قبضن کان بچائڻ لاءِ چوطرف باؤنڊري ڏياري محفوظ بڻائي ڇڏي

قبضاگيرن جو گهيرو تنگ ڪندي سندن خلاف نوٽيس پڻ جاري ڪرائي ڇڏيا آهن : ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ ٻيا عملدار

سپريم ڪورٽ ۽ پاڪستان سروي ٽيم جي ڏنل حڪمن جي مڪمل پاسداري ڪري ان کي پاءُ تڪميل تائين پهچايو ويندو

ٺٽو(ڊ ن)سپريم ڪورٽ پاران ٻيلن تان قبضا ختم ڪرڻ واري حڪم تي سول ڪورٽ جي جج، ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ رينجرس جي ڪور ڪمانڊر جي تشڪيل ڏنل ٻيلي کاتي جي ٽيم جاتي تعلقي جي باديپور ٻيلي جي سرڪاري 2953 ايڪڙ زمين بااثرن جي قبضن کان آجي ڪرائي باديپور ٻيلي جي زمين کي مخصوص ڪري امڪاني قبضن کان بچائڻ لاءِ چوطرف باؤنڊري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر شهر کي ميونسپل انتظاميه
ڪچري جي ڍير ۾ تبديل ڪري
ڇڏيو آهي : آل سکر سمال ٽريڊرز

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آل سکر سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز اڳواڻ محمد جنيد شيخ، شبير ميمڻ، ظهير پٽي ۽ ٻين تاجر اڳواڻن چيو آهي ته سکر ميونسپل ڪارپوريشن سکر شهر کي ڪچري جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، انتظاميا جي لاپرواهي سبب شهر ۾ صفائي سترائي جي حالت خراب ٿي وئي آهي. شهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽو : سرڪاري زمين تي قبضي خلاف عملدار آپريشن ڪري رهيا آهن

دادو ۾ ڊي سي مختلف روڊن سان ناجائز حدخلون هٽائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو

ڊي سي عملو ساڻ ڪري وڏي حد دخلين واري علائقي نيو چوڪ پهچي دوڪاندارن هوٽلن وارن جي اڳيان حدخلون هٽائي ڇڏيون

شهر ۾ انڪروچمينٽ ڪري شهري، عورتون شاگرديائيون، مسافر ۽ گاڏين کي شديد تڪليف آهي : ڊپٽي ڪمشنر

سجاڻ ڏريون سات ڏين ته شهر کي حدخلين کان آزاد ڪري روڊن کي شهرين جي سهولتن لاءِ کليل رهندا

دادو(ن سنڌيار) ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو پاران شهر جي مختلف روڊن سان ناجائز حدخلون هٽائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ ڊي سي دادو ميونسپل، اينٽي انڪروچمينٽ پوليس، ٽرئفڪ پوليس، ڊسٽرڪٽ پوليس، مختيارڪار دادو ۽ ٻيو عملو ساڻ ڪري وڏي حد دخلين واري علائقي نيو چونڪ پهچي دڪاندارن هوٽلن وارن جي اڳيان حدخلين هٽائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد عوامي شڪايتن تي نوٽيس وٺي ڇڏيو

نادرا آفيس شهر کان تمام پري هجڻ سبب نادرا اختيارين کي خط لکي ڇڏيو

شهرين جي سهولت لاءِ ڊي سي آفيس ۾ نادرا جو ڪائونٽر قائم ڪيو وڃي : متن

جيڪب آباد(رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد پاران عوامي شڪايتن تي نوٽيس وٺندي نادرا اختيارين کي خط لکي ڇڏيو آهي ته نادرا آفيس شهر کان تمام پري هجڻ سبب شهرين جي سهولت لاءِ ڊي سي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۾ ڀاڙازين جي نوجوان رانديگرن سان راندين جو ڏينهن ملهايو

ميوزيڪل چيئر، ڪرڪيٽ، بيڊمنٽن، ڊوڙ ۽ ٻين دلچسپ مقابلن جو حصو ورتو

پروگرام دوران نوجوان رانديگرن مختلف مقامي، روايتي ۽ جديد راندين مان لطف ماڻيو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) UNFPA ۽ RSPN جي سهڪار سان ڀاڙازين جي نوجوان رانديگرن سان راندين جو ڏينهن ملهايو، راندين جون تقريبون صحتمند خاندان پراجيڪٽ تحت ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: پروگرام دوران ٻارڙا راند ڪيڏي رهيا آهن

پاڪستان ميڊيا ڪائونسل پاران عرفان احمد کي پاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

پاڪستان ميڊيا ڪائونسل سوڳوار خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهي : اڳواڻ

اڳواڻن ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي بلند درجات ۽ مغفرت جي دعا ڪئي

ميرپورخاص(رپورٽر) پاڪستان ميڊيا ڪائونسل رجسٽرڊ سنڌ ميرپورخاص جي ڊويزنل چيئرمين محمد اسماعيل خلجي، اشفاق احمد اشفي، محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

آفتاب بروهي کي 24 ڪلاڪن اندر ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي : سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪيس جي ٻڌڻي دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران سرجاڻي پوليس کي حڪم ۽ چند

ممتاز بروهي ۽ سان سينيئر ايڊوڪيٽ عباس علي عباسي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ڪراچي(رپورٽر) سورجاڻي مان ڪنيل آفتاب بروهي کي 24 ڪلاڪن اندر ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران سرجاڻي پوليس کي حڪم ۽ چند تفصيل مرجب سورجاڻي ٿاڻي جي جاچ پوليس انچارج سب انسپيڪٽر طارق خالد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

وائيس آف يوٿ ٺٽو جي چيئرمين جي سماجي اڳواڻن سان ملاقات

ملاقات ڪري ساڻن سيمينار کي ڪامياب ڪرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ نومبر جي مهيني ۾ منعقد ڪيو پيو وڃي : اڳواڻ

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي جي نوجوان وڪيل ۽ وائيس آف يوٿ ٺٽو جي چيئرمن ايڊووڪيٽ قربان هالو ۽ ٺٽي جي سماجي ڪارڪن ۽ ٺنگر پبلڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو: ملاقات دوران ڳالهائي رهيا آهن

عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو وڃي : حسين بخش ناريجو

بلاول ڀٽو چونڊن جو اعلان ڪندي سنڌ ۽ پنجاب ۾ دورا شروع ڪري ڇڏيا آهن

عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي

ڪراچي(رپورٽر) پي پي رهنما حسين بخش ناريجو اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪيو آهي ته عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو وڃي حسين بخش ناريجو چيو ته پارٽي چيئرمين چونڊن جو اعلان ڪندي سنڌ ۽ پنجاب ۾ دورا شروع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گهوٽڪي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه الله عليه وعليه وسلم جو پروگرام

پروگرام ۾ اسٽيج سيڪريٽري جي ذميواري استاد شاهنواز لکڻ سنڀالي

نبي سائين صه جي سيرت تي ٻارن رمشا خان پٺاڻ، حسان ميمڻ ۽ ٻين روشني وڌي

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ٽنڊو مسوخان پٺاڻ گهوٽڪي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه الله عليه وعليه وسلم جو پروگرام ٿي گذريو پروگرام ۾ اسٽيج سيڪريٽري جي ذميواري استاد شاهنواز لکڻ سنڀالي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

عادلپور : جشن عيد ميلاد النبي صه جي تقريب جو ڏيک

ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي جو تعميراتي ڪم مڪمل نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ميڊيڪل يونيورسٽي جو تعميراتي ڪم وڏي عرصي کان رولڙي جو شڪار آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪيمپس بدران مڪمل يونيورسٽي ڏني وڃي

ميرپور خاص(رپورٽر) ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي جو تعميراتي ڪم مڪمل نه ٿيڻ سميت ٻين سهولتن جي اڻهوند خلاف شاگردن سميت شهرين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري دوران اڳواڻن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

فقير آباد ٽائون ڪاميٽي اڳيان احتجاجي مظاهرو

قبرستان ۾ رولو ڪتا ۽ ڪجهه ٻيا جانور اچي قبرن جي بيحرمتي ڪن ٿا : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي قبرستان سيد محمد شاهه بخاري جي چوديواري ڏياري وڃي

فقيرآباد(رپورٽر)فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي اڳيان هي نون جوان مسلسل 6 ڏينهن کان احتجاجي ڪري رهيا آهن جنهن جو مطالبو آهي اسان جي ڳوٺ جان محمد گوپانگ جو قديمي قبورستان آهي سيد محمد شاهه بخاري ان قبرستان ۾ رولو ڪتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ضلعي اليڪشن ڪمشنر ٿرپارڪر پاران مختلف پولنگ اسٽيشنن جو دورو

انتظاميه قومي فرض ۾ ضلعي اليڪشن ڪميشن سان ڀرپور سهڪار ڪري رهي آهي : سليم الدين دل

اميد ٿا ڪريون ته عام چونڊن ۾ پولنگ دوران عوام کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن ڏيڻو نه پوندو

مٺي(ب ر) ضلعي اليڪشن ڪمشنر ٿرپارڪر سليم الدين دل اسسٽنٽ ڪمشنر عديل احمد سوهو سان گڏ تعلقي ڏاهلي جي اين اي 214 ۽ پي ايس 52 جو دورو ڪري اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران جاري ڪيل حڪمن مرجب عام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مٺي: ضلعي اليڪشن ڪمشنرجا دوري دوران ورتل فوٽو

ٺٽون ديرو پرسان نويد سمون جي زرعي زمين تي قبضي ۽ هاري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

سمان برادري جي معزز اختيار علي سمون، مختيار علي سمون بابو خان سمون، ضامن حسين سمون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

زمين تي قبضي جي مذمت ڪيون ٿا، واقعي جي تحقيقاتي ادارن کان تحقيقات ڪرائي اصلي حقدارن کي حق ڏنو وڃي : مظاهرين

زرعي زمين ۽ ڪر ڪنڊز بيگناهه هاري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏياري وڃي

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاهد محمود پٺان) سنڌ ساماڻ برادري جي معززن پاران نويد سمون جي زرعي زمين تي قبضي ۽ هاري جي قتل خلاف احتجاج ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز : ججح قتل ۽ مزاحمت دوران
پوليس اهلڪار کي قتل ڪرڻ واري ڪيس
۾ ٻن جوابدارن کي سزائون ٻڌائي ڇڏيون

نوشهرو فيروز(ب) سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت قتل ۽ مزاحمت دوران پوليس اهلڪار کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي سزائون ٻڌائي ڇڏيون آهن عدالت محرابپور پوليس ٿاڻي جي حد ۾ قتل دوران مزاحمت تي قتل ڪيل پوليس سپاهي اعجاز ڪنڌ ڪيس ۾ جوابدار عابد خاصخيلي ۽ مجاهد چانگ کي عمر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽون ديرو : زمين تي قبضي ۽ هاري جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽو : روينيو کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ٿيا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا

اڄ سموري ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي آفيسن جي تالا بندي ڪري قلم ڇڏ هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو

ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي ننڍين ملازمن لوئر اسٽاف کي ڪي سهولتون ميسر ناهن : ملازمن جون دانهون

ٺٽو(رپورٽر) روينيو کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نه ٿيا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا، سپائي(اڄ جمعي جي ڏينهن) سموري ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي آفيسن جي تالا بندي ڪري قلم ڇڏ هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن سڪندر منگسي، غلام نبي ملاح، اسماعيل جتوئي، توفيق ميمڻ، منور جاکرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهدادڪوٽ ۾ صفائي سترائي ۽ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ ۽ ٻين مسئلن خلاف بک هڙتالي ڪئمپ قائم

ايس يو پي پاران صفائي سترائي ۽ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ ميونسپل ۾ ٽينڊر ڪرپشن، ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ سميت ٻين مسئلن خلاف احتجاج ڪيو ويو

سمورو شهر گندگي جي ورچڙهيل آهي شهر جي مختلف هنڌن تي گندگي جا ڍير لڳل آهن ۽ اڪثر روڊن تي پاڻي تلائن جي صورت ۾ بيٺل آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي اسپتالن ۾ مليريا جي دوائن کي يقيني بڻائڻ، سميت رولو ڪتا مارائي، شهرين جي زندگين کي تحفظ ڏئي شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ ايس يو پي ڪارڪنن جو شهر ۾ صفائي سترائي ۽ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ، ميونسپل ۾ ٽينڊر ڪرپشن، ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ سميت رولو ڪتا نه مارڻ خلاف صبح کان شام تائين بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي. شهدادڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڪارڪنن الله داد خشڪ، آصف مگسي، شهري اتحاد جي صدر ڪامريڊ وهاب پندراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو غلام حيدر ۾ استاد الهه
بچايو رند کي ميڊا
سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽ ميرحسن رند)هاءِ اسڪول عبدالرحيم ڪاتيار جي هيڊ ماستر ۽ ٽاليواري تعليمدان سائين عبدالرشيد سومرو هٿان استاد الهه بچايو رند کي ميڊا سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو. پنهنجي فرض کي پنهنجو ايمان سمجهي تعليم جي فروغ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ نوجوان پرائمري استاد الهه بچايو رند کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

شهدادڪوٽ : ايس ٽي پي پاران مطالبن جي ميڊا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اوٻاوڙو پرسان نوجوان رڪشا ڊرائيور هٿيارٻندن هٿان قتل

اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي، فوتي پاءُ ڪرائي تي رڪشو هلائيندو هو : وارث

شهر کان سودو سامان کڻي وڃي رهيو هو ته شر برادري جي ماڻهن گولين هڻي قتل ڪيو آهي

نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪيو ويو، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

اوٻاوڙو(رپورٽ غلام علي رند)اوٻاوڙو پرسان روٺتي ٿاڻي جي حد نوجوان رڪشا ڊرائيور عبدالحميد چاچڙ قتل ڪيو ويو آهي. اوٻاوڙو، فوتي جي پاءُ الهوسايو ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي ڪرائي تي رڪشو هلائيندو هو، شهر کان سودو سامان کڻي وڃي رهيو هو ته شر برادري جي ماڻهن گولين هڻي قتل ڪيو آهي، اوٻاوڙو انهن ذريعن مان معلوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جي مک قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري، نعريبازي

پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ 74 ڏينهن به صحافين علامتي احتجاجي بک هڙتال ڪئي

شهيد جي وڇوڙي کي 74ڏينهن ٿي ويا آهن ايترا ڏينهن گذري ويا خاطريون ڪرايون وين پر قاتل گرفتاري کان بچيل آهن : اڳواڻ

اسان شهيد جي خون سان انصاف لاءِ ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي مک قاتلن کي 74 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ڪري سگهي، سول سوسائٽي ۽ ٻيهلوءِ جي صحافين پاران احتجاج ۾ شرڪت، حقيقي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي : گلزار هجري اسسٽنٽ ڪمشنر
پاران ڪير جي دڪانن تي ڇاپا هڻي
وڏيڪ اگهه وٺندڙن خلاف ڪارروايون

ڪراچي(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر اوڀر جي هدايتن تي گلزار هجري اسسٽنٽ ڪمشنر ثناالله ڪلوڙ ماروئڙا ڳوٺ، بلاول شاهه نوراني ۽ سچل ڳوٺ ۾ ڪير جي دڪانن تي ڇاپا هڻي وڏيڪ اگهه وٺندڙ ۽ قيمتن واري لسٽ نه لڳائيندڙ دڪاندارن تي ڏنڊ هنيا ۽ آئنده اگهه لسٽ نه لڳائيندڙن ۽ مقرر اگهه کان وڌيڪ رقم وٺندڙ دڪاندارن کي جيل موڪلڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر :صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊرا پرسان نوجوان عورت کي مڙس قتل ڪري گهر اندر دفنائي ڇڏيو

30 ورهين جي فردوس شيخ کي مڙس منور پاپو تشدد ڪري مٿان پسٽل جو فائر ڪيو

پاڙيوارن فوتي عورت جو هٿ مٽي مان ٻاهر ڏسي پوليس کي اطلاع ڪيو

اسان وڌيڪ جاچ ڪيون پيا، جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويو آهي : پوليس

ڪنڊرا(رپورٽر) ڪنڊرا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ابيجاڻ جي رهواسڻ نوجوان عورت 30 ورهين جي فردوس شيخ کي مڙس منور پاپو تشدد ڪري مٿان پسٽل جو فائر ڪري بيدردي، سان قتل ڪري گهر اندر کڏو کوٽي دفنائي ڇڏيو جنهن بعد پاڙيوارن فوتي عورت جو هٿ مٽي مان ٻاهر ڏسي پوليس کي اطلاع ڪير ڪنڊرا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي پوريل لاش ڪڍي تحويل ۾ورتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور ۾ قومي فنڪاره مادر سنڌ جيجي زرينه بلوچ جي 18 هين ورسي تقريب، پيتا پيش

جيجي زرينه بلوچ پنهنجي گيتن وسيلي سنڌ جي جهرجهنگ ۾ سجاڳيءَ جو پيغام ڏنو، قومي ڪاز ۾ هُوءَ هميشه اڳيري رهي : اڳواڻ

جيجي زرينه بلوچ ضياءَ جي مارشلا واري دور ۾ سختيون برداشت ڪيون پر هُن آڻ ڪا نه مڃي، جيجي نج سنڌياڻي ۽ سادي عورت هئي

سنڌياڻي تحريڪ جي وُجود سندس ڪاوشُن جو نتيجو آهي، هُوءَ هميشه لاءِ اَمرُ ٿي وئي ۽ سندس يادُون هميشه ياد رهنديون

شڪارپور(ڊ) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران سنڌياڻي تحريڪ جي باني اڳواڻ، اديب، استاد ۽ قومي فنڪاره مادر سنڌ جيجي زرينه بلوچ جي 18هين ورسي تقريب عوامي هائوس تي پيتا پيش ڪري ملهائي وئي. ڪير اي ٽي پاران جيجي زرينه بلوچ جي 18 وهين ورسي تقريب ملهائي ڪري عقيدت ۽ احترام سان پيتا پيش ڪئي وئي ان مرقعي تي ايڊووڪيٽ آغا فهد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

محرابپور جي شهيد سپاهي اعجاز
ڪنڌ ڪيس ۾ 2 جوابدارن کي
عمرقيد جي سزا، ٽيون بري

محرابپور(رپورٽر) محرابپور جي شهيد سپاهي اعجاز ڪنڌ ڪيس ۾ 2جوابدارن کي عمر قيد جي سزا، ٽيون بري، چوٽون اڳ ئي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو. ايڊيشنل سيشن جج جناب طاهر حسين ابڙو جي عدالت محرابپور جي شهيد سپاهي اعجاز ڪنڌ ڪيس ۾ 2 جوابدارن مجاهد چانگ ۽ عابد خاصخيلي کي عمر قيد جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور :جيجي زرينه بلوچ جي ورسي تقريب جو ڏيک

سامارو ۾ فلسطين جي مسجد اقصي جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

فلسطين جي مسلمان ڀائرن مٿان اسرائيل پاران ٿيندڙ ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

فلسطين جي مسلمان ڀائرن مٿان ٿيندڙ ظلمن جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي : مظاهرين

فلسطين جي بيگناهه مسلمانن مٿان تشدد جي سخت مذمت ڪريون ٿا، نوٽيس ورتو وڃي

سامارو(رپورٽر)فلسطين جي مسجد اقصي جي حق ۾ سامارو روڊ جي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول جي شاگردن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي، خبر موجب : فلسطين جي مسلمان ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار فلسطين جي مسلمان ڀائرن مٿان اسرائيل پاران ٿيندڙ ظلم خلاف ۽ فلسطين جي مسجد اقصي جي حق ۾ سامارو روڊ جي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 27 آڪٽوبر 2023ع

پاٻوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُم، چَيائون جنهن وارَ:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نہ لهي.

.. تہ بس پوءِ ڳالھ ئي ختم!!

عارضي اختيارن جي هريڙ چا هٿ اچي وئي، نگران منتظمين پاڻ کي پنساري سمجهڻ لڳا آهن! اهي ڪنهن کي ليکي ۾ ئي نٿا آڻين. حد تہ اها آهي جو اهي عدالتي فيصلي جي اورانگھہ ڪرڻ تي سندرا ٻڌي بيٺل آهن. توڙي جو اهي ڪارونجھر جي حوالي سان سنڌ جي مزاحمت جا منظر بہ ڏسي چڪا آهن پر پوءِ بہ عدالتي فيصلو نہ مڃڻ واري انهن جي انڪار جي "نہ" ڪي نَوَ ڪوٽ آهن. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن ڪانپوءِ بہ اهي مها ڏونگر ڪارونجھر جي پچ- پور ڪري اتان گرينائيٽ ڪڍڻ لاءِ بضد آهن ۽ ڪارونجھر ۾ "گرينائيٽ سٽي" قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان سنڌ جي نگران ڪابينا کان منظوري ورتي ويندي، جنهن جو اجلاس 31 آڪٽوبر تي سنڌ جي نگران وڏي وزير طرفان گهرايو ويو آهي. ڪابينا جي منظوريءَ ڪانپوءِ ڊي جي مائينز جي سربراهي ۾ ڇھ رڪني ڪاميٽي قائم ڪئي ويندي. سنڌ جي قانون ۽ انصاف واري نگران وزير عمر سومري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ ڪارونجھر جي معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گمراھ ڪيو ويو آهي، عدالت کان اها چٽائي ڪرائينداسين تہ ڪارونجھر جو سمورو علائقو ثقافتي ورثو نہ آهي. جيڪڏهن سڄي ڪارونجھر کي ثقافتي ورثو قائم قرار ڏنو وڃي تہ پوءِ معدني وسيلا ڪيئن استعمال ٿي سگھندا؟

ڪارونجھر قابض ۽ غاصب قوتن خلاف سنڌ جي سنڌ جي تاريخي مزاحمت جو شاهد آهي. روپلي جي ويڙهاند جو گواھ بہ ڪارونجھر ئي آهي. سامراج خلاف سنڌ جي مزاحمت جي تاريخ ڪارونجھر جي هڪ هڪ پٿر ۾ ساھ کڻي ٿي. ڪارونجھر فطرت جي سونهن جو اوپن ميوزيم آهي. ڪارونجھر جي اهميت گھڻ رخي آهي. هي صرف جبل ئي نہ آهي، جنهن جي پھڻن کي پرزا ڪري، ان جي سرير مان گرينائيٽ ڪڍيو وڃي! ڪارونجھر جتي فطري سونهن جو مظهر آهي، اتي ان جو ماحولياتي تحفظ ۾ بہ ڪردار آهي. مقدس استان بہ آهن تہ سياحتي ماڳ پڻ آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪارونجھر بابت پنهنجي تاريخي فيصلي ۾ قرار ڏيئي چڪي آهي تہ ڪارونجھر ماڳ کوٽائي لاءِ ناهي. ڪارونجھر مائنز اينڊ منرل ڊپارٽمينٽ جي دائري اختيار ۾ نہ ٿو اچي، چو تہ اهو محفوظ ورثو آهي ۽ ڪنهن بہ قسم جي کوٽائي لاءِ سائيٽ جي طور تي دستياب ناهي. پيلن ۽ جهنگلي جيوت لاءِ بهتر ماحول کي ٻيهر زنده ڪرڻ لاءِ ۽ انهن سيني جانورن، پکين، نسلن لاءِ، جن جي پناھ گاھ/رهائش ڪارونجھر جبل آهي. پر ان جي باوجود نگران حڪمران سنڌ جي ان جبل کي هر حال ۾ ليزتي ڏيڻ، ان کي پيڃڻ پورڻ جي هوڏ تي قائم آهن. جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ اهو فيصلو ڏيئي ڇڏيو آهي تہ ڪارونجھر مائنز اينڊ منرل ڊپارٽمينٽ جي دائري اختيار ۾ نہ ٿو اچي تہ پوءِ بس ڳالھ ئي ختم!

نگران حڪومت جو ڪم چونڊن بعد اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن حوالي ڪري هليو وڃڻ آهي پر افسوس جي ڳالھ اها آهي تہ اهي اختيارن جي اورانگھہ ڪري اهي ڪم ڪرڻ ٿا چاهين، جن جو ڪين مينڊيٽ ئي حاصل نہ آهي. اهي چون ٿا تہ سڄو ڪارونجھر ثقافتي ورثو نہ آهي. ڪاٿن اهو سوال پڇي سگھجي ٿو تہ جڏهن گرينائيٽ ڪڍڻ لاءِ پچ- پور ٿيندي، بلاسٽنگ ٿيندي تہ ڇا ان سان ان جبل جو فطري ماحول متاثر نہ ٿيندو؟ ناياب جانور ۽ پکي پکڻ متاثر نہ ٿيندا؟ قانون جي نگران وزير عمر سومري کي آخر اها ڳالھ ڇو سمجھہ ۾ نٿي اچي تہ حقيقي دولت معدني دولت نہ پر ثقافتي ورثوئي آهي. تاريخ ئي حقيقي دولت آهي. قانون واري نگران وزير کي اهو سمجھڻ گھرجي تہ پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت سان پيار ڪندڙ قومن جا قانون مختلف هوندا آهن. ڪارونجھر ڪو محض پٿرن جو ڍڳ نہ آهي، ان ۾ هڪ وڏو جهان ساھ کڻي ٿو. اتي جين ڌرم جي مندرن سميت قديم تيرٿ ۽ استان آهن. ڪارونجھر ٿر جي ماحوليات جو محافظ آهي. ڪارونجھر نيون ۽ نديون وهائي برساتي پاڻي ٿر جي جھول ۾ وجھي ٿو. ڪارونجھر ناياب قسم جي پکين ۽ جانورن جو مسڪن بہ آهي. ڪارونجھر قيمتي جڙي ٻوٽين جي حصول جو ذريعو بہ آهي. وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو گذر هن جبل سان سلهاڙيل آهي. صرف اهو ئي نہ، ڪارونجھر هڪ تمام اهم سياحتي ماڳ پڻ آهي. ان ڪري نگران حڪمرانن کي ان هوڏ تان لهي عدالتي فيصلي جو احترام ڪرڻ گھرجي. ان حوالي سان ڪنهن بہ قسم جي مهم جوئي هاڃيڪار ثابت ٿيندي.

اسرائيل جي رياستي دهشتگردي ۽ غزا جي صورتحال

مُحمد يُوسف پُنھو

اهو ڏينهن 7 آڪٽوبر جو هو، جنهن کي 20 ڏينهن ٿيڻ وارا آهن. ان ڏينهن صبح جو سج جي پهرئين ڪِرڻن سان گڏ ئي نام نهاد ۽ غيرقانوني يهودي رياست اسرائيل جي گاديءَ واري هنڌ تل ابيب تي غزا مان راڪيٽن جي برسات ٿي، جن ۾ ڪئين بلڊنگز چٽ ٿي ويون. ڪارن ۽ گاڏين کي باهيون ولي ويون. حماس جا مجاهد تاريخ ۾ پهريون دفعو پيرا گلائيڊرز جو استعمال ڪندي اسرائيل جي لڳايل واڙ ۽ حفاظتي ديوار کي عبور ڪندي ڏکڻ اسرائيل (يعني اسرائيل پاران فلسطينين جا زبردستي ۽ دوکي سان قبضايل يا والاريل علائقا) جي شهرن ۾ پهتا. نہ صرف فضا پر زميني ۽ بحري رستن ذريعي بہ اسرائيل جي فوجي هيڊڪوارٽرن ۽ گاڏين کي نشانو بڻايو. حماس پنهنجي هن آپريشن کي "طوفان الاقصيٰ" جو نالو ڏنو. هن آپريشن جي نتيجي ۾ ڏکڻ اسرائيل جا 7 ڪان وڌيڪ شهر جنگ جو ميدان بڻيا. اسرائيل جو بدنام زمانہ خفيہ ادارو موساد ڪاٻہ پيشگي اطلاع ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي ويو هي دنيا جي هڪ ايڊوانس وينٽرسان ليس ان ملڪ جو انٽيليجنس فيليوئر هو جيڪو پنهنجي ايجنسي تي غرور ۽ تڪبر ڪندو هو. اسرائيل جو مهانگي ۾ مهانگو اينٽي ميزائل سسٽم آئرن ڊوم حماس جي راڪيٽ حملن جي روڪڻ ۾ فيل ٿي ويو همیشہ طاقت جي نشي ۾ ڌت رهندڙ تل ابيب دنيا آڏو تماشو بڻجي ويو. حماس جي حملن اسرائيلي DEFENCE SYSTEM کي مفلوج ڪري ڇڏيو. حقيقت اها تہ حماس اسرائيل جي خفيہ ادارن ۽ ايڊوانس هٿيارن جي ڪارڪردگي تي نہ رڳو ڏانگي ملي ڇڏي پر انهن کي دنيا آڏو بري نموني وائکو بہ ڪري ڇڏيو. حماس جي "طوفان الاقصيٰ" ۾ وڏي تعداد ۾ اسرائيل جي قابض صيهوني فوجين ۽ انهن جي هڪ جرنيل کي پٽ تان گهيريندي سوگھو ڪري غزا منتقل ڪيو ويو. حماس جي راڪيٽ حملن بعد سينٽرل اسرائيل ۾ بزدل صيهونين ۾ ڀاڄ ۽ افراتفريح جا منظر پوري دنيا جي ٽي وي چينلز تي ڏٺا ويا. تل ابيب ۾ ڏجنگي سائرن وڄندي رود ويران ٿي ويا. اسرائيلي هوائي اڏن تان فلائيٽون بند ٿي ويون. ڏينهن جو حملن بعد ڀاڻ کي آئرن شيلڊ قرار ڏيندڙ اسرائيل ٽرڪن تي پنهنجي جنگي طيارن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ لڪائيندي نظر آيو. انهن منظرن جون باقاعدي وڊيوز وائرل ٿي ويون. حماس صرف 20 منٽن ۾ صيهوني رياست تي 5 هزار راڪيٽ فائر ڪري دنيا کي حيران ڪيو وڏي حيرت جي ڳالھ اها تہ هي "طوفان" ان شهر مان اٿيو جيڪو سالن کان دشمن پاران ناڪابندين ۽ پابندين جو شڪار رهيو. ان بعد سفاڪ اسرائيل فلسطيني شهر غزا تي مسلسل حملا ڪرڻ لڳو جيڪي تاحال جاري آهن. سفاڪ اسرائيل غزا تي جيڪي حملا ڪيا اهي زياد تر عام فلسطيني مسلمانن، انهن جي گهرن، رهائشي عمارتن، اسڪولن حد ڏاها ڏ اسپتالن ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ عام ماڻهن جي قافلن تي بہ حملا پيو ڪري. اسرائيلي حملن ۾ غزا شهر ملبي ڍير ٿو نظر اچي. غزا تي صيهوني رياست اسرائيل جي حملن بعد لبنان ۽ اسرائيل واري بارڊر تي لبناني شيعہ مزاحمتي تنظيم حزب ۽ اسرائيلي صيهوني فورسز ۾ ڇڪتاڻ وڌندي ٿي حزب بہ صيهوني فوجين تي حملا شروع ڪري ڏنا. هڪ اندازي موجب حماس ۽ حزب جي حملن ۾ هيستائين 2 هزار کان وڌيڪ صيهوني هلاڪ ۽ 5 هزار کان مٿي زخمي ٿيا آهن. حماس جي ڊپٽي چيف چيو آهي تہ "اسرائيل تي هر طرف کان حملا ڪيا آهن. هي جنگ آزادي تائين جاري رهندي" حماس جو چوڻ اهو بہ چوڻ هو تہ "طوفان الاقصيٰ" صيهونين جي بار بار تشدد ۽ ظلمن توڙي مسجد الاقصيٰ جي بي حُرمتي جي ردعمل ۾ آيو آهي" افسوس اهو تہ فلسطينين جي سخت ردعمل بعد هن وقت غزا صيهوني بربريت جي ورچڙهيل آهي پر غزا جو اٽل عزم اهو تہ غزا جُهڪڻ لاءِ تيار ناهي. مسلسل استحصالي ۽ چوگرد گهيرا بندي باوجود غزا واسي غيرت سان جيئندا رهيا. سچ تہ غزا غيرت ۽ وقار جو نالو آهي. غزا غمن کي دشمن خلاف طوفان ۾ بدلائي ڇڏڻ جو بہ نانءُ آهي. آمريڪي ۽ برطانوي جنگي ٻيڙا اسرائيل جي تحفظ لاءِ ان جي آسپاس تعينات ٿي ويا آهن جن جي پناھ ۾ سفاڪ اسرائيل جي رياستي دهشتگردي ۽ فلسطينين جي نسل ڪشي جاري آهي. افسوس غزا تان غمن جا بادل لهن ئي نٿا. هي ياد رهي تہ اولہ جي طاغوتي طاقتن جي ڀاڃي ۾ غزا ۾ خون ۽ باھ جي هولي کيڏي پئي وڃي. غزا جيڪو بهار جي بوءِ آهي. اسرائيل بارود جي بوءِ آهي. غزا جيڪو روشني آهي. اسرائيل اونداھ آهي. اهو غزا جو شهر روشنين جي ان ڏيئي وانگر آهي جيڪو صيهونيت جي ظلمتن جي هزار بار ڪوشش باوجود اُجهامڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي ۽ اهڙي روشني کي هر اهل دل جو سلام!

غزا غم جي تصوير بڻيل آهي، غزا انساني ضمير جو آواز بڻيل آهي. غزا هر اهل دل جي اشڪبار اکين ۾ گهر ڪري ويٺل آهي پر غزا بي رحم بگهڙن، گجهن ارڙ بلائن هٿان ڇوڙاڙي گهيريل بہ آهي. غزا تي واسينگ وار ڪري رهيا آهن غزا کي هڙپ ڪرڻ لاءِ دنيا جون بي رحم شيطاني قوتون جلاد اسرائيل جي پُٺي ٺُپي ان کي همٿائي رهيون آهن ۽ شيطاني قوتن جو سالاري اسرائيل غزا جي ناڪابندي ڪري اتي جي شهرين کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. اها 1948ع وانگر ٻيهر مقامي ۽ اصل رهواسين کي زبردستي ٻاهر ڪڍڻ عالمي قانونن ۽ انساني حقن جي وڏي لتاڙ آهي جيڪا هن وقت هن مهذب دنيا ۾ ٿي رهي آهي. وڏي شرم جي ڳالھ اها تہ آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس وغير بجاءِ جنگ بندي جون ڪوششون ڪرڻ جي، ٻيٽر عالمي دهشتگرد رياست اسرائيل جي حمايت ۾ پيش پيش آهن. آمريڪا غزا تي سنگين اسرائيلي حملن جو دفاع ڪندي انهن کي اسرائيل جو حق ڪوٺيو آهي. بي گناھ شهرين تي اگراج جي دنيا ۾ بہ اسرائيل جهڙي سفاڪ رياست ۽ ان جو صيهوني وزيراعظم نيتن ياهو فاسفورس بمن ۽ ڪلسٽر بمن جو استعمال ڪري ڏاها سموري انسانيت کي لڄائيندڙ ڳالھ آهي. هڪ وحشي ۽ انسانيت کان ڪريل شخص جو صيهوني رياست اسرائيل جو ان نهايت ڪڏي عمل بعد بہ وزيراعظم جي منصب تي رهڻ دنيا جي امن ۽ سلامتي متعلق سوال اٿاري ٿو هن صيهوني شخص کي خود اسرائيلي ميڊيا هن تازي صورتحال جو ذميوار قرار ڏنو آهي تہ هي ڏکڻ فلسطين ۾ مسلسل فلسطينين جي زمينن تي يهودي آبادڪارن کي رهائڻ ۾ لڳو پيو هو جنگ جي ويهين ڏينهن تائين قاتل صيهوني اسرائيل جي تازي رياستي دهشتگردي جي نتيجي ۾ غزا جا 5 هزار ست سو کان وڌيڪ بي ڏوهي شهري شهيد ٿيا آهن. هزارين فلسطيني زخمي ۽ 15 لک فلسطيني بي گهر بڻجي ويا آهن سفاڪ اسرائيلي ظلمن جو اندازو ان مان لڳايو جو نقل مڪاني ڪندڙن ۽ پناھ گاھ واري ڪئمپن ۾ ترسيلن تي بہ هن سفاڪ ۽ رهزن صيهوني رياست حملا ڪيا. هن ڪان وڌيڪ بي ڪا عالمي دهشتگردي جي تشريح ٿي سگهي ٿي؟ پيو ڪو سنگين عالمي جنگي ڏوھ ٿي سگهي ٿو؟ اسرائيل رهزني جون سموريون راهون لتاڙي ڇڏيون. درندي صفت صيهوني نيتن ياهو ڪان وڌيڪ دنيا ۾ شايد انساني رت پياڪ ڪو هجي! برطانوي نشرياتي اداري بي بي سي اسرائيلي ظلم ڊڪاريندڙ وڊيو جاري ڪري اسرائيل جي حامي نام نهاد عالمي طاقتن جي منهن تي چماٽ هنئين آهي. واضح رهي تہ انهيءَ مشهور عالمي خابرو اداري بي بي سي حماس کي دهشتگرد قرار ڏيڻ کان انڪار ڪري حڪومتي ۽ شاهي خاندان جي ڊڪٽيشن قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو بي بي سي تي صيهوني نواز برطانوي حڪومت ۽ اتي جي شاهي خاندان جو دباءُ هو تہ اها حماس کي دهشتگرد قرار ڏي پر بي بي سي حماس بابت اهڙو زهريلو دباءُ قبول نہ ڪندي، اهڙو لفظ استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪري پنهنجي ساک کي نہ صرف برقرار رکي ڇڏيو پر ذميوار خابرو اداري هئڻ جو تاثر بہ قائم ڪري ڇڏيو جڏهن تہ بي مغربي دنيا سميت پارتي ميڊيا جي اسرائيل خلاف برسر پيڪار فلسطيني ۽ مسلم مزاحمتي تنظيمن حماس ۽ حزب خلاف منفي خبرن ۽ پروپيگنڊا جو سلسلو بہ جاري آهي هڪ طرف امن جو ازلي دشمن اسرائيل آهي، ٻئي طرف پنهنجي ڌرتي تان صيهوني والارختم ڪرائڻ ۽ بيت المقدس جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ مظلوم فلسطيني آهن هڪ طرف دنيا جهان جا جديد ترين هٿيار آهن تہ ٻئي پاسي صرف آزادي جو جذبو آهي. اميد اها ئي آهي تہ "الاقصيٰ طوفان" فلسطينين لاءِ فتح جو استعارو بڻجي. غاصب صيهونيت جي شڪست جو بہ باعث بڻبو هن جنگ ۾ عالمي طور تي هن وقت تائين اسرائيل جي نقصان جو 7 ارب ڊالرز تائين اندازو لڳايو پيو وڃي پر اسرائيل- حماس جنگ ۾ ڪن ماڻهن جو خيال اهو بہ آهي تہ عالمي انساني برادري کي گمراھ ڪرڻ لاءِ جاڻي واڻي اسرائيل جو وڌ نقصان ٻڌايو پيو وڃي. جڏهن تہ نهايت داداگيري، وحشيائي نموني ۽ وڏي سفاڪي سان فلسطينين جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. فلسطينين جي تہ مسجد محفوظ رهي، نہ گهر، نہ اسڪول نہ اسپتال. حد تہ اها آهي تہ اسپتال، ايمبولينسز ۽ رهائشي عمارتن کي بہ بخش نہ پيو ڪيو وڃي. چو تہ غزا جي بجلي، پاڻي توڙي کاڌ خوراڪ جي فراهمي بند ڪئي وئي آهي. روز وڏي تعداد ۾ فلسطينين کي شهيد ۽ زخمي ڪيو وڃي ٿو آهي. شهيد ٿيندڙن ۾ ٻار ۽ عورتون شامل آهن غزا جي 12 اسپتالن ۾ گنجائش ختم ٿي وئي آهي. موبائل جي روشني ۾ زخمين جا علاج ڪيا پيا وڃن. جڏهن تہ لکين بي گهر ڪيا ويا آهن. ان صورت ۾ سازش اها آهي تہ اهڙيون خبرون ڦهلائي عالمي طور تي ڪنہ انسانيت کان عاري اسرائيل خلاف مؤثر احتجاجن ۽ وڌندڙ نفرت کي روڪيو وڃي. هٿ وٺي اهڙي صورتحال پيدا ڪري رهيل غزا جي علائقي کي ڀهضم ڪيو وڃي. عالمي امن جا دعويدار نام نهاد ٺيڪيدار آمريڪا ۽ برطانيا بکايل بگهڙن ۽ گجهن وانگي رڄ اوپر تي لامارا ڏئي رهيا آهن. هنن جو ڪڏو ڪردار بس ايترو آهي صيهونين جو تحفظ ۽ صيهونين جي هر غلاظت کي صاف ڪرڻ آهي. دنيا کان هو اهو سچ ڪيترو لڪائيندا تہ اسرائيل انسانيت خلاف آزار جو نالو آهي. اسرائيل عالمي امن تي هڪ بدنما داغ آهي. هوڏانهن اسرائيل جي حمايت ڪرڻ بعد پارت جي منافقت بہ اُجهو ظاهر ٿي. يعني هڪ بدمعاش اسرائيل جهڙي بي بدمعاش جي حمايت ۾ سامهون اچي آمريڪا ۽ يورپ وارن جي ڪاوڙ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ آهي. چو تہ ڪينيڊا ۾ سک اڳواڻ هرديپ سنگھ نجر جي قتل ۾ بدنام زمانہ پارتي خفيہ اداري "را" جو هٿ ثابت ٿيڻ ۽ ڪينيڊا پاران هڪ اهم پارتي سفارتڪار جي ملڪ نيڪالي پارت جي عالمي دهشتگردي واري چهري کي وائکو ڪيو ويس موٽ ۾ پارت بہ ڪينيڊين سفارتڪار کي ملڪ بدر ڪيو پر ڪينيڊين وزيراعظم جو ڪلر ڪلا پارت کي سک اڳواڻ جي قتل ۾ ملوث قرار ڏيڻ ۽ واقعي کي ڪينيڊا جي خودمختياري ۽ آزادي تي حملو ۽ مداخلت قرار ڏئي عالمي ميڊيا ۾ آيل خبرن موجب ڪينيڊا پارت سان تجارتي معاهدا معطل ڪري. پارت مان پنهنجا ڪيترائي سفارتڪار واپس گهرائي بہ چڪو آهي. آمريڪا ۽ مغربي دنيا ان واقعي تي ڪينيڊا سان گڏ بيهي رهي ۽ واقعي جي تحقيقات ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ پارت تي دٻاءُ وڌو ويس پارت هاڻ وري موقعي مان فائدو وٺي اسرائيل جي حمايت ڪري مغربي دنيا وٽ SOFT IMAGE قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي.

اسرائيل عالمي قبضا گير رياست آهي جنهن جي بڻ بنياد ۾ جارحانا ارادا سمايل آهن. اسرائيل صرف انتهاپسند يهودي رياست ئي نہ آهي پر جارحيت پسند رياست طور دنيا ۾ جاتي سڃاتي وڃي ٿي. اسرائيل جا ارادا توسيع پسندانا بہ آهن. اسرائيل جا صيهوني عراق جي فرات درياءَ تائين ڦهلاءَ جي زهريلي سوچ رکن ٿا ۽ هر وقت گريٽر اسرائيل جا خواب ڏسن ٿا. جنهن ڪري اسرائيل جا پاڙيسري ملڪ خوف ۽ عالمي امن بہ مسلسل خطري ۾ رهي ٿو هوڏانهن روسي صدر پيوٽن فلسطينين جي حمايت ڪندي چيو آهي تہ "آزاد رياست فلسطينين جو حق آهي" ۽ چيني صدر پڻ هن مسئلي جي مستقل حل لاءِ آزاد فلسطيني رياست جي قيام جي حمايت ڪئي. مسلم دنيا جا اڪثر حڪمران خاموش آهن جڏهن تہ ايران حماس جي واضح حمايت ڪري ڇڏي. شام، لبنان ۽ يمن بہ حماس سان بيٺل آهن عالمي دهشتگرد صيهوني وزيراعظم نيتن ياهو جي غزا ۽ بين فلسطيني شهرن ۾ جنگي ڏوهن خلاف ۽ فلسطين جي حق ۾ ايشيا کان يورپ، آفريڪا کان آمريڪا تائين احتجاجي مظاهرا جاري آهن اسلامي دنيا جا شهري تہ هونئن بہ اسرائيلي دهشتگردي خلاف رستن تي آهن. هوڏانهن ڏکڻ آفريڪا ۾ ٿيندڙ هڪ وڏي احتجاج جي اڳواڻي نيلسن منڊيلا جي پوٽي ڪئي نيويارڪ ۾ يهودين جو غزا جي حق ۾ مظاهرو ٿيو خود اسرائيل ۾ اسرائيلي شهري فلسطينين ۽ غزا جي حق ۾ مظاهرا ڪري رهيا آهن. هوڏانهن غزا تي ٿيل اسرائيلي رياستي دهشتگردي ۽ بربريت خلاف يورپ ۾ رهندڙ يهودي بہ ٻاهر نڪتا. يورپ جي سيني وڏن شهرن ۾ ٿيندڙ مظاهرن ۾ يهودي بہ وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا آهن انهن مظاهرن ۾ فلسطيني عوام جي حقن کي مڃڻ جا مطالبا بہ ڪيا ويا. يورپ جي دي هيگ شهر ۾ انصاف جي عالمي عدالت ٻاهران احتجاجي مظاهرا بہ ٿيا آهن پر پوءِ بہ انصاف جا در بند آهن جو تہ عالمي رهنمائن جو ضمير سجاڳ نہ ٿيو آهي. بي شرمي جوان کان وڌيڪ ڪهڙو مثال ملندو جو ڪجھ بااثر مغربي حڪمران اسرائيل سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ پهچي ويا. هيءَ سنگدلي بہ بي حسي آهي بلڪ نهايت ڪميڻپ بہ آهي. انهن انڌن کي يوڪرين نظر اچي ٿو. صيهوني نظرا چن ٿا بس غزا نظر نٿو اچي. اهو غزا جنهن جا ماتمي منظر سنگدل عالمي ضمير کي جهنجهوڙين پيا. غزا سان انصاف نہ ٿيو تہ وچ اوڀر مان طويل مزاحمت اسرائيل جي جلادن جي منتظر رهندي! اها باھ پکڙي تہ نيش اسرائيل جي پشت پناهي ڪندڙن تائين بہ پهچندي! صورتحال اها آهي تہ پوروچ اوڀر هن ڏينهن ٻري پيو اگر اسرائيل جي رياستي دهشتگردي تہ رڪجي ۽ غزا جي گهيري سميت فلسطيني علائقن تان والارختم نہ ڪئي وئي تہ وچ اوڀر جي عوام ۾ غم ۽ نفرت جي لهر ڪي اسرائيل طرف وڌڻ کان ڪير بہ نہ روڪي سگهندو، خاص ڪري اهي ملڪ جن جون سرحدون غاصب رياست اسرائيل سان ملن ٿيون. ڪاٻہ حفاظتي واڙ يا ديوار اسرائيل جي ڪم نہ ايندي ۽ هي پوروخطو ٻري اٿندو ۽ پوءِ جنهن ۾ شايد ڪٿي بہ اسرائيلي وجود باقي نہ رهي!

ميرٽ جي لتاڙ ۽ ادارن جي تباهي وارو سوال

تحرير: ذلفي چاچڙ

ادارن کي آباد ڪري ڪامياب بہ فرد بڻائيندا آهن تہ وري ڪين بدنام ۽ تباھ بہ فرد ئي ڪندا آهن. ماضي جا ڪيترائي ڪامياب ۽ شاهوڪار وفاقي توڙي صوبائي ادارا، جن جو ملڪي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. جهڙوڪ پوسٽ آفيس، واپڊا، پاڪستان ريلوي، اسٽيل مل، پي آءِ اي ۽ پي ٽي سي ايل وغيره انهن مان اڄ ڪجھ خساري جي خطرناڪ حد پار ڪري چڪا آهن ۽ اهي ملڪي خزاني تي بار بڻيل آهن. ان لاءِ انهن کي سرڪار ليکي ڏئي خانگي بڻائڻ چاهي ٿي. جنهن سبب سوين ملازمن جي سر مٿان جبري برطرفي جي خوف واري تلوار سدائين ٽنگيل رهي ٿي. انهن ادارن جي تباهي جو ڪارڻ رڳو ڪرپشن ۽ گنجائش کان وڌيڪ ملازمن جي ڀرتي ناهي، پر ان جو اهم سبب ميرٽ جي لتاڙ پڻ آهي.

اسان جي ملڪ جون واڳون ۽ ادارا نااهل ماڻهن جي حوالي ڪيا وڃن ٿا، جن جي اچڻ سان نہ رڳو ادارن جي ساک متاثر ٿئي ٿي، پر اهي مالي معاملن جي ورچڙهي تباھ پڻ ٿي وڃن ٿا. نااهليت، اهليت تي ايتري قدر حاوي ٿي چڪي آهي، جو اسان کي هر هنڌ ۽ اهم پوسٽن تي نااهل ماڻهو ويٺل نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ان قسم جي نا انصافي جي ڀيانڪ صورت هر اداري ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

نقل ڪري پاس ٿيندڙ سفارشي ۽ رشوت ڏئي ڪا سٽيي پوسٽ هٿ ڪندڙ آفيسرن جي ميليان باصلاحيت محنتي ماڻهو معمولي نوڪريون جهڙوڪ ڪلارڪي پٽيوالي وغيره ڪندي نظر ايندا آهن ۽ اتان جو سڄو ڪاروهنوار اهي ئي هلائيندا رهندا آهن. ميرٽ تي ڀرتي ڪندڙ ادارا بہ اميدوار نوجوانن کان وڏي رقم رشوت طور طلب يا وصول ڪندا آهن. نتيجي ۾ اهل ماڻهون پوئتي ۽ نااهل اڳتي نڪري ويندا آهن. اوهان مان ڪو ڪنهن اهڙي شخص جو مثال بہ ڏئي سگھي ٿو تہ فلاڻي هاري ۽ مزدور جو پٽ تہ ڪمشنر، ڊي سي، ايس ايس پي يا پروفيسر وغيره ٿيو آهي، ان پلاڪهڙي رشوت ڏني يا ان رشوت ڏيڻ لاءِ لکين رپيا ڪٿان آندا؟ ان سوال جو نهايت ٿي سادو جواب آهي تہ جيڪو ادارو ميرٽ تي نوڪري ڏيڻ جو پابند هجي.

اهو پنهنجي ساک بچائڻ ۽ رشوت وٺڻ واري تاثر کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجھ تہ ميرٽ جو خيال رکندو. ان معاملي ۾ اهي صرف ان غير سفارشي، سچي ۽ هوشيار اميدار کي پاس قرار ڏين ٿا، جيڪو سئو سيڪڙو مارڪون کڻندو آهي. باقي جتي جائز ڪم ڪرڻ لاءِ بہ جائز پئسا ورتا ويندا هجن، اتي مڪمل طور ميرٽ جو لحاظ ڪيو وڃي اهو تہ ڪوڙو ئي ٿو لڳي. عوام کي روزگار ڏيڻ رياست جي ذميداري هوندي آهي، پر اسان وٽ روزگار ڏيڻ کان پهريان بيروزگار نوجوان جيڪي اڳ ۾ بيروزگاري سميت ڪيترن ئي معاشي مسئلن جي ورچڙهيل هوندا آهن، انهن کان ايتري رقم وصول ڪئي ويندي آهي، جو اها رقم پوري ڪرڻ لاءِ انهن کي پنهنجي سروس جا گهٽ ۾ گهٽ پنج سال تہ پڪا ڏيٺا پئجي ويندا آهن. جيئن ڪجھ سال پهريان ڪشمور ضلعي ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين کاتن ۾ اٽڪل ڇھ سئو ماڻهون ڀرتي ڪيا ويا ها. تقريبن پنج سالن کان پوءِ سندن ڀرتي کي جعلي قرار ڏيندي ڪين نوڪرين تان هٽايو ويو هو. ان عرصي ۾ نوڪري ڪندڙ نوجوان پگهار جي صورت ۾ رڳو پنهنجا اهي پئسا ئي واپس ڪري سگهيا، جيڪي انهن رشوت جي صورت ۾ ڏئي نوڪري حاصل ڪئي هئي.

پنج سال سرڪاري ونگار وهڻ سان گڏ انهن جو بيوڏو نقصان اهو بہ ٿيو تہ اهي سڀ نوجوان عمر جو وڏي وڃڻ سبب ڪنهن ٻئي اداري ۾ اپلائي ڪري ٻيهر ڪا بہ سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ جي اهل بہ نہ رهيا ۽ ايئن انهن ويچارن جو مستقبل تباھ ٿي ويو. سنڌ ۾ نااهل ملازمن کان ڪو بہ ادارو خالي ناهي. جيڪي بيشڪ ڊگري هولڊر تہ آهن پر منجهن اها صلاحيت ۽ وٽن ڪم ڪرڻ جو اهو ڏانءُ ناهي، جيڪا قابليت انهن ڊگريون پيش ڪري ڏيکاري ۽ ان آڌار تي ملازمت حاصل ڪئي.

سنڌ ۾ تازو ٿيندڙ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ۾ بي انتها بي قاعدگيون ٿيون آهن. جنهن سبب اڪثر باصلاحيت نوجوان چٽا پيتي واري ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي ويا آهن. ڌانڌلي ۽ ڌوکي سان اڳتي ايندڙ هر ماڻهو هميشہ قوم، ادارن ۽ ملڪ کي نقصان ڏنو آهي، پوءِ اها ڌانڌلي سياسي هجي يا بي ڪنهن نوعيت جي. ڌانڌلي هڪ قسم جو ڌاڙو آهي. جنهن سان حقدارن جا حق غضب ڪيا ويندا آهن. جنهن سان ڪين ڦريو ۽ لٽيو وڃي ٿو هن قوم جي بدحالي ۽ بدنصيبي بہ ڌانڌلي جي پيداوار آهي، ڇا ڪان تہ ڌانڌلي سان ئي قوم جي هڏ ڏوکي، همدرد ۽ مخلص ماڻهن کي هارائي اسيمبلين کان ٻاهر رکيو وڃي ٿو. ان لاءِ ڌانڌلي ڪري ادارن تي قبضو ڪندڙ ماڻهن جي رستا روڪ ڪرڻ ان لاءِ بہ ضروري آهي تہ ان سان نہ رڳو نوجوان مايوس ٿي ويندا ۽ سندن صلاحيتون سڙ تي وينديون پر ادارن جي تباهي بہ يقيني بڻجي ويندي ۽ ان سان گڏ قابليت جو قتلام پڻ ٿيندو، جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ٿيڻ گهرجي.

اسان جي ملڪ جون واڳون ۽ ادارا نااهل ماڻهن جي حوالي ڪيا وڃن ٿا، جن جي اچڻ سان نہ رڳو ادارن جي ساک متاثر ٿئي ٿي، پر اهي مالي معاملن جي ورچڙهي تباھ پڻ ٿي وڃن ٿا. نااهليت، اهليت تي ايتري قدر حاوي ٿي چڪي آهي، جو اسان کي هر هنڌ ۽ اهم پوسٽن تي نااهل ماڻهو ويٺل نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ان قسم جي نا انصافي جي ڀيانڪ صورت هر اداري ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

بقايا سنڌيار 01

ورڪرز فيڊريشن کي مضبوط ڪرڻ ۽ مزدورن جي مسئلن لاءِ غور ويچار ڪيو ويو اجلاس موجود عهديدارن کي مخاطب ٿيندي خادم حسين ڪوسو چيو ته پاڪستان ورڪرز فيڊريشن اها فيڊريشن آهي جيڪا هميشه مزدورن جي مسئلن لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهندي آهي اسان مرڪزي سيڪريٽري جنرل پاڪستان ورڪرز فيڊريشن چوڌري محمد ياسين ۽ مرڪزي چيئرمين پاڪستان ورڪرز فيڊريشن چوڌري عبدالرحمان عاصي جا هٿ مضبوط ڪنداسين جنهن ۾ اسان سڀني مزدورن جي ڀلائي آهي پاڪستان ورڪرز فيڊريشن پاڪستان جي پورهيتن جي مسئلن کي جينوا ۾ عالمي فورم تي ڀرپور نموني پيش ڪيو آهي اجلاس ۾ هادي بخش ميراڻي محمد رمضان مهر عبدالرسول عمران علي ۽ ٻين ٻڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 02

نه بلڪ نگران حڪومت جو ڪم فقط بروقت صاف شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪرڻ آهي، گيس جي اگهن ۾ اضافي سان عوام مٿان 350 ارب رپين جو بار پوندو. مهانگائي جي ماريل عوام جي اڳ ۾ ئي حڪمرانن جي ناقص معاشي پاليسين ۽ ڪرپشن جي ڪري خريداري جي سگهه ختم ٿي چڪي آهي اهڙي صورتحال ۾ وري گيس جي اگهن ۾ 200 فيصد اضافو ڪرڻ بي حسي جي انتها آهي. صوبائي امير اج هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته پيٽروليم مصنوعات مٿان ڳاٽي ٽوڙ ٽيڪس عائد. هر روز بجلي اگهن ۾ اضافي کان پوءِ نگران حڪومت گيس جي قيمتن ۾ به 200 فيصد اضافو ڪري مهانگائي جي ماريل عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪي رهي آهي. نگران هجي يا مستقل حڪومت هر دور ۾ حڪمرانن پنهنجي عياشين ۽ عالمي مالياتي ادارن جي ڊڪٽيشن تي عوام مٿان مهانگائي جي بمباري ۽ اشرافيه کي سهولتون ڏئي ملڪ کي برباد ۽ عوام کي ڪنگال ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪونه ڇڏي آهي. هن وقت غربت ملڪ جو سڀ کان وڏو ۽ بنيادي مسئلو آهي. ڪو به ملڪ ايستائين ترقي نٿو ڪري سگهي جيستائين عوام خوشحال نه هجي. حڪمران طبقي "اجهي، اٽي ۽ گيهه" جو نعرو هڻي غريبن کي بنيادي ضرورتن کان به محروم رکيو آهي. پي ڊي ايم سرڪار پاران مهانگائي جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙڻ کان بعد طاقتور ڌرين پاران عوام تي مسلط ڪيل نگران حڪومت به پيٽرول، بجلي ۽ گيس جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪري عوام دشمني جو ڪليل ثبوت ڏنو آهي. پهرين نومبر کان گيس جي اگهن ۾ 200 فيصد اضافو ڪرڻ سان عوام مٿان 350 ارب رپين جو بار پوندو ان کان اڳ فيبروري ۾ ٻڻ گيس جي اگهن ۾ 113 فيصد اضافو ڪيو ويو هو جنهن سان عوام تي 340 ارب بار پيو. موجوده فيصلي سان عام ماڻهو جي مشڪلات ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويندو. صوبائي امير حڪومت تي زور ڀريندي پرزور مطالبو ڪيو آهي ته في الفور بجلي، گيس سميت عام واهپي وارين شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ۽ پيٽرول ڊيزل تي عائد ڀاري ٽيڪس ختم ڪري حڪومت عوامي مسئلن جي حل لاءِ ترت قدم کڻي.

بقايا سنڌيار 03

آفيس ۾ نادرا جو ڪائونٽر قائم ڪيو وڃي. ڊي جي نادرا ڏانهن موڪليل خط جو متن... خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد دادلو زهراڻي نادرا جي لاڳاپيل اختيارين کي لکيل خط جي متن ۾ چيو آهي ته نادرا آفيس شهر کان پري هجڻ ڪري شهرين خاص ڪري اقليتن سميت بزرگ شهرين توڙي عورتن کي اچ وڃ ۾ تمام ڏکيائيون اچي رهيون آهن. جنهن ڪري شهرين گهر ڪئي آهي ته نادرا آفيس جو يونٽ ويجهو وچ شهر ۾ کوليو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد دادلو زهراڻي خط ۾ وڌيڪ چيو آهي ته آئون اوهان کي نادرا آفيس جي يونٽ کولڻ لاءِ ڊي سي آفيس ۾ 2 ڪمرا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنڪري شهرين جي اهنجن کي ڏسندي نادرا آفيس جو يونٽ ڊي سي آفيس ۾ کوليو وڃي. هوڏانهن ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد دادلو زهراڻي جي اهڙي قدم تي شهرين خوشي جو اظهار ڪيو آهي ان سلسلي ۾ شهرين جو چوڻ آهي ته اسان ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد دادلو زهراڻي جا ٿورائتا آهيون. جنهن اسان جي تڪليفن جو نوٽيس وٺندي نادرا آفيس جي يونٽ لاءِ ڊي سي آفيس ۾ 2 ڪمرا ڏيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي. اميد ٿي ڪجي ته نادرا اختيارين پڻ اهڙي معاملي جو نوٽيس وٺندي نادرا آفيس جو يونٽ ڊي سي آفيس ۾ کوليو ويندو جڏهن ته شهري تمام ڏور نادرا آفيس پهچڻ جهڙي تڪليفن کان بچي سگهندا.

بقايا سنڌيار 04

رنوتي، منڌر خان ڪوسو، سعيد خان قلبرتي، هسلا مغيري يونين ڪائونسل رنوتي ۽ مونڌر لاڪا ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڪرڻايون ويون جن ۾ 84 کان وڌيڪ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين مختلف راندين جهڙوڪ لڊو، لڪڻ ۽ ڳولهي لهڻ، ميوزيڪل چيئر، ڪرڪيٽ، بيڊمنٽن، ڊوڙ ۽ ٻين دلچسپ مقابلن ۾ حصو ورتو سرسو جي ترجمان جميل سومرو موجب ان جو مقصد نوجوانن خاص ڪري ڀهراڙين جي نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي سماجي ۽ نفسياتي طور مضبوط بنائڻ ۽ راندين ذريعي ڳوٺائن نوجوانن ۾ صحتمند زندگي گذارڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي. ان موقعي تي نوجوان رانديگرن مختلف مقامي، روايتي ۽ جديد راندين مان لطف ماڻيو خاص ڪري نوجوان ڇوڪرين سرسو پاران منعقد ڪيل راندين جو ڏينهن ملهائڻ تي تمام گهڻا ٿورا مڃيا. هنن چيو ته ڳوٺائيون ڇوڪرين لاءِ صحتمند راندين ۾ حصو وٺڻ ان ڪري سولو نه هوندو آهي ڇو جو مختلف سماجي ۽ رسمن جي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو پر سرسو نه رڳو راندين جي ڏينهن کي تمام خوبصورت انداز ۾ منظم ڪيو پر ڳوٺائين ڇوڪرين ۾ اعتماد جو ماحول پڻ پيدا ڪيو

بقايا سنڌيار 05

قيد جي سزا ٻڌائي. جڏهن ته عدالت شڪ جو فائدو ڏيندي جوابدار جاويد تانگور کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ڪيس ۾ جاءِ ايل هڪ جوابدار خورشيد اڳ ئي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو. جوابدارن هلنڊڙ سال 16 اپريل تي بشنڪ مان پڳهار ڪٽي ڳوٺ ويندڙ پوليس اهلڪار اعجاز ڪنڌ کان ڦرجي ڪوشش ڪئي ۽ مزاحمت تي ڪيس گولين هڻي قتل ڪيو هو

بقايا سنڌيار 06

جي سمان برادري ٺٽون ڊيرو پريس ڪلب ٻهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو آهي مظاهري ۾ شامل سمان برادري جي معزز اختيار علي سمون، مختيار علي سمون بابو خان سمون، ضامن حسين سمون، طارق حسين سمون، غلام اڪبر سمون، ماستر بدرالدين سمون ۽ ٻين جو چوڻ هيو ته متياري ۽ هالا جي وچ واري سيڪاٽ ڳوٺ ۾ مخدوم جميل الزمان جي ماڻهن پاران اسان جي برادري جي سردار ڏاڏا جاويد حسين سمون جي ويجهي رشتيدار نويد سمون جي زرعي زمين تي ٽيندڙ قبضي ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌس جي هاري جي بيگناهه قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪندي ان ناانصافي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. سنڌ جي اعليٰ اختيارن سميت نگران وزير اعليٰ سنڌ رٽائرڊ جسٽس مقبول رضا باقر، پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪو چيئرمين آصف علي زرداري ۽ سابقه ايم پي اي فريال ٽالپر آءِ جي سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي متياري ۽ ٻين وس وارن کان اپيل ۽ مطالبو ٿا ڪيون ته واقعي جي تحقيقاتي ادارن کان تحقيقات ڪرائي اصلي حقدارن کي پنهنجو حق ڏنو وڃي ۽ زرعي زمين ۾ ڪم ڪندڙ بيگناهه هاري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏياري وڃي ته جيئن سنڌ ۾ رهندڙ سمان برادري ۽ مان بيچيني ختم ٿي سگهي، ٻئي صورت ۾ احتجاجي دائري کي وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 07

ٺيڪيداري نظام آهي ڪلارڪ ۽ تنظيمن جا استاد ٺيڪا ٻولي کڻن ٿا ٻو غريب ملازمن کي پريشان ڪن ٿا اسڪول وقت تي ڪافي استاد اسڪول ڇڏي ٽريزري ۾ وينل نظر ايندا آهن جنهن سان ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ۽ ڊي او آفيس ۾ ڪافي اهڙا ڪلارڪ پڻ وينل آهن جن جي پوسٽنگ ۽ بائيوميٽرڪ ٻين جاين تي آهي ڊي او ايجوڪيشن ڪو نوٽس نٿو وٺي. ڊي او آفيس جو ڪير وزٽ ڪري ڏسي ملازمن

بقايا سنڌيار 08

تندي آدم ۾ قتل ٿيل افضل لُند جا شڪ قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا. نوجوانن آڪاش لُند، رمضان لند، مشتاق چانڊيو ۽ نويد لُند پاران گورنمنٽ ڊگري ڪاليج کان علمدار چونڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي سانگهڙ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته ڏيڍ مهينو گذري وڃڻ باوجود به افضل لند جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته سانگهڙ پوليس ٽن ڏينهن جي اندر اصلي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ته اسان انبس هاءِ وي تي ڌرڻي هڻڻ جو اعلان ڪنداسين هنن آئي جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته سخت نوٽيس وٺي افضل جا رهيل قاتل جلد گرفتار ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 09

پريس ڪلب صحافي چيف پيٽرن جاويد لطيف ميمڻ پاران انساني حقن ۽ چائلڊ ابيوز جي عنوان سان هڪ سيمينار ننڍي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ۾ نومبر جي مهيني ۾ منعقد ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جي اڳواڻن مختلف اڳواڻ شرڪت ڪندا انهي سلسلي ۾ گذريل ڏينهن ٺٽي اڳواڻن پاران ٺٽي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جي عهديدارن جنهن ۾ سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن جي ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ مئنيجر حميرا علي ۽ تعمير خلق فائونڊيشن جي اڳواڻ ساجد خان سان ملاقات ڪري ساڻن سيمينار کي ڪامياب ڪرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 10

پاران ايڊوڪيٽ امتياز بروهيءَ ۽ سنڌس ننڍي ڀاءُ آفتاب بروهيءَ کي ڪنهي گهر ڪري ڇڏڻ، گهر ڀاتين سان بدتميزي، سون، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان هٿيارن جي زور ۽ ڌاڙ ڌڪاءُ پيدا ڪري ڦرلٽ ڪرڻ خلاف نيشنل ڊيموڪريٽڪ

[illegible]

بقايا سنڌيار 44

اڪبر ناريجو، سيد رسول شاهه، ضلعي صدر خليل احمد غوري، خليل الله خان، اقبال سولنگي، وسيم خانزادو، ملڪ عدنان، محمد دانيال، ٻين شرڪت ڪئي، رضا خان، لياقت راجپوت ۽ ٻين ميرپورخاص جي اطلاعات کاتي جي ڪلارڪ عرفان احمد جي وڏي ڀاءُ جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي بلند درجات ۽ مغفرت جي دعا ڪئي، پاڪستان ميڊيا ڪائونسل رجسٽرڊ سنڌ ڊويزن ميرپورخاص ڏک جي هن گهڙي ۾ سوڳوار خاندان سان برابر جا شريڪ آهن.

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com